

# امام مالڪ جو مديني سان عشق

سنڌي

پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمينٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

**ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:**

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص ۴۰ دار الفکر بيروت)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت



**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: امام مالڪ جو مديني سان عشق

ڇاپو پهريون: ذِي القعده 1442ھ جون 2021ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# امام مالڪ جو مديني سان عشق

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

## امام مالڪ جو مديني سان عشق

امام مالڪ جو مديني سان عشق................................ 1
دعاءِعطار:.................................................. 1
درود شريف جي فضيلت........................................ 1
امام مالڪ رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه جو تعارف................................ 1
حصولِ علم.................................................. 2
عالِمِ مدينہ ڪير آهي؟......................................... 2
بادشاھ جو دروازو............................................. 3
علمي شان و شوڪت........................................... 3
مسجدِ نبوي ۾ درس جو حلقو.................................... 4
امام شافعي امام مالڪ وٽ....................................... 5
امام مالڪ تي حضور جو ڪرم..................................... 6
حديثِ پاڪ جو ادب........................................... 6
امام مالڪ جو قبر ۾ مدد ڪرڻ.................................... 7
مشهور عاشق رسول حضرت امام.................................. 8
مالڪ جون 12 حڪايتون....................................... 8
(1) مديني ۾ پيرين اگهاڙي..................................... 8
(2) هر رات سرورِ ڪائنات جو ديدار............................... 8
(3) مديني ۾ سواريءَ کان پرهيز.................................. 8

(4) حضور اڪرم جو تذڪرو ڪرڻ وقت سندن رنگ بدلجي ويندو هو . 9
(5) حديث پاڪ جي درس جو انداز ................................ 10
(6) وڇونءَ 16 ڏنگ هنيا پر حديث جو درس جاري رکيائون ........ 10
(7) حديثن جا ورق پاڻي ۾ وجهي ڇڏيا پر .... .................... 11
(8) عشق رسول ۾ روئڻ واري محدث جي قدرداني .................... 11
(9) خاڪِ مدينہ جي توهين ڪرڻ واري لاءِ سزا ........................ 12
(10) قضاءِ حاجت جي لاءِ حرم شريف کان ٻاهر هليا ويندا هئا ........ 12
(11) مسجد نبوي ۾ آواز هلڪو رکو.................................... 12
(12) روضي رسول ڏانهن منهن ڪري دعا گهرو ........................ 13
انسان جو نسب ئي ان جو مڪان آهي ............................ 14
جنهن کان ٿي سگهي اهو مديني ۾ مري .......................... 15
مديني ۾ وفات ۽ رخصت جي وقت نيڪي جي دعوت .................. 16
جهنم کان نجات جي بشارت.......................................... 17
هڪ ڪلمي جي سبب بخشش ........................................ 18
امام مالڪ جو ڪفن دفن ............................................ 18
پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جي وصال تي عراق وارن جو صدمو.................. 19

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# امام مالڪ جو مديني سان عشق

## دعاءِ عطار:

ياربَّ المصطفيٰ! جيڪو مڪمل رسالو "امام مالڪ جو مديني سان عشق" پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن ڪي حضرت امام مالڪ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جي صدقي مديني جي عشق سان مالامال فرماءِ ان ڪي هرهر مديني پاڪ جي باادب حاضري نصيب فرماءِ ۽ ان جي بي حساب مغفرت فرماءِ.

اٰمِیۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِیۡن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## درود شريف جي فضيلت

الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي: جنهن هي درود شريف پڙهيو 'اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمۡ' جيڪڏهن بينو هو ته ويهڻ کان پهريان ۽ وينو هو ته بيهڻ کان پهريان ان جي مغفرت ڪئي ويندي.

(سعادة الدارين، ص 244)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب        صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## امام مالڪ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جو تعارف

ڪروڙين مالڪين جي عظيم پيشوا حضرت امام مالڪ بن انس رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جو نالو "مالڪ" ۽ ڪنيت" ابوعبدالله" آهي. پاڻ چئن مجتهد امامن مان هڪ مشهور امام ۽ تبع تابعي[1] بزرگ آهن. ڪين ولادت

---

[1] (تابعي مان مراد اهو شخص آهي جنهن صحابيءَ سڳوري سان ايمان واري حالت ۾ ملاقات ڪئي ۽ ان جو خاتمو بہ اِيمان تي ٿيو ۽ تبع تابعي مان مراد

مشهور قول جي مطابق 93 هجري ۾ مديني شريف ۾ ئي ۽ مديني پاڪ ئي ۾ وصال شريف ٿيو.

(تهذيب الاسماء واللغات،386/2. سيراعلام النبلاء،382/7، رقم:1180. اعلام للزركلي، 257).

## حصولِ علم

**امام مالڪ** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جڏهن علمِ دين حاصل ڪرڻ جو ارادو ڪيو ته هن خواهش جو اظهار پنهنجي امڙ سان ڪيو ۽ ان کان علم حاصل ڪرڻ جي لاءِ وڃڻ جي اجازت گهري. والده انهن کي ڪپڙا پارائي تيار ڪيو، مٿي تي ٽوپي ۽ ان تي عمامو ٻڌو. پوءِ فرمايائون: هاڻي وڃو ۽ علمِ دين وڃي حاصل ڪيو. (ترتيب المدارک،150/1)

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي استادن ۾ اڪثر مديني شريف جا بزرگ سڳورا شامل هئا. علامہ زُرقاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: پاڻ نَوَ سؤ(900) کان وڌيڪ مشائخن کان علم حاصل ڪيو. (شرح الزرقاني علي الموطا، 35/1) امام مالڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو اعليٰ درجي جو حافظو هو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائيندا هئا ته جنهن شيءِ کي مون ياد ڪري ورتو وري ان کي ڪڏهن به نہ ويساريو.

(بستان المحدثين، ص16)

## عالِمِ مدينہ ڪير آهي؟

امام مالڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اهي عالم هئا جن جي خوشخبري الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏني هئي. جيئن حضرت امام محمد بن عيسيٰ ترمذي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي ڪتاب ”جامع ترمذي“ ۾ حديث شريف روايت ڪن ٿا:

---

اهو شخص آهي جنهن تابعي سان ايمان جي حالت ۾ ملاقات ڪئي ۽ ان جو خاتمو بہ اِيمان تي ٿيو. (لغة الفقها، ص117)

عنقريب ماڻھو (علم جي ڳولا ۾ سفر ڪندا پر اهي مديني جي عالم ڪان وڌيڪ علم وارو ڪنهن کي ڪو نہ ڏسندا. (ترمذي شريف،311/4، هديث:2689)

ہي حديثِ پاڪ ۾ آهي: دنيا ۾ مديني جي عالم کان وڌيڪ علم وارو باقي نہ رهندو، ماڻهو ان جي طرف سفر ڪري ايندا.
(ترتيب المدارك و تقريب المسالك،68،69/1)

حضرت سفيان بنِ عُيَيْنَہ رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه کان پڇيو ويو تہ ”مديني جو عالم“ ڪير آهي؟ تہ انھن فرمايو: بيشڪ ”مديني جو عالم“ حضرت امام مالڪ بن اَنَس رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه آهن. حضرت عبد الرزّاق رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”مديني جي عالم“ مان مراد حضرت امام مالڪ بن اَنَس رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه آهن. (ترمذي شريف،311/4، حديث:2689)

## بادشاه جو دروازو

**امام مالڪ** رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه کان علمِ دين حاصل ڪرڻ وارا خوش نصيب ماڻھو پري پري کان سفر ڪري وٽن حاضر ٿيندا هئا. پاڻ رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه جي دروازي تي حديث ۽ فقہ سکڻ وارن جو ائين رش هوندو هو جيئن ڪنهن بادشاه جي دروازي تي هوندو آهي.

(سيراعلام النبلاء،387/7، شرح الزرقاني علي الموطا،35/1)

## علمي شان و شوڪت

**حضرت يحيٰي بن سعيد قطان** رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان مديني منور ۾ سن 144 هجري ۾ حاضر ٿيس. ان وقت حضرت امام مالڪ رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه جي ڏاڙهي شريف ۽ مٿي مبارڪ جا وار ڪارا هئا. ماڻھو ڪيس اردگرد خاموشي سان اچي ويهندا هئا. سندن رعب سبب ڪنهن کي ڳالهائڻ جي همت ڪانہ ٿيئي. مسجدِ نبوي شريف ۾ پاڻ رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه کان

علاوه ڪوئي فتويٰ ڪونہ ڏيندو هو. مان سندن سامهون ويهي رهيس ۽ هڪ سوال ڪيو تہ پاڻ رَحْمَۃُاللہِ عَلَیْہ مونکي حديثِ پاڪ مان جواب ڏنو. مون وري سوال ڪيو تہ وري جواب ارشاد فرمايائون. پوءِ سندن دوستن مونکي جهنجوڙيو تہ مان ماٺ ٿي ويس.

(ترتيب المدارڪ وتقريب المسالڪ،29/2)

حضرت حماد بن زيد رَحْمَۃُاللہِ عَلَیْہ جي خدمت ۾ هڪ شخص ڪو مسئلو پڇڻ آيو جنهن ۾ ماڻهن جو اختلاف هيو تہ پاڻ رَحْمَۃُاللہِ عَلَیْہ فرمايو: ياءَ توهان پنهنجي دين جي سلامتي چاهيو ٿا تہ مديني جي عالم کان مسئلو پڇو ۽ انهن جي گفتگو توجهہ سان ٻڌو، ڇوتہ اهي حجت (يعني دليل) آهن ۽ ماڻهن جا امام آهن. (المدونة الكبريٰ، 64/1)

حضرت ابو قُدَامہ رَحْمَۃُاللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: حضرت امام مالڪ بن انس رَحْمَۃُاللہِ عَلَیْہ پنهنجي زماني جا سڀ کان وڏا"حافظ الحديث" هئا. (ترتيب المدارڪ و تقريب المسالڪ،150/1) پاڻ رَحْمَۃُاللہِ عَلَیْہ جو علمي مقام اهو هو جو ڪين استاد بہ پاڻ رَحْمَۃُاللہِ عَلَیْہ وٽ مسئلن جي حل جي لاءِ تشريف آڻيندا هئا.

(وفيات الاعيان، 3/4 مفهوماً)

## مسجدِ نبوي ۾ درس جو حلقو

**مسجد نبوي** شريف ۾ سندن نشت گاهہ ان جڳهہ تي هوندي هئي جتي مسلمانن جا ٻيا خليفہ حضرتِ عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ويهندا هئا ۽ هيءَ اها جڳهہ هئي جتي الله پاڪ جا پيارا پيارا آخري نبي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اعتڪاف جي دوران آرام ڪندا هئا. پڻ مديني پاڪ ۾ جنهن گهر ۾ پاڻ رَحْمَۃُاللہِ عَلَیْہ رهندا هئا اهو رسول اڪرم جي صحابي حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جو گهر هوندو هو.

(ترتيب المدارڪ،124/1)

# امام شافعي امام مالڪ وٽ

امام شافعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه حضرت امام مالڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيو: مان اوهان ڪان مؤطا (يعني حديث پاڪ جو ڪتاب) پڙهڻ چاهيان ٿو. حضرت امام مالڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو: منهنجي ڪاتب (writer) حبيب وٽ هليا وڃو، اهو هن ڪتاب جي قراءت ڪندو آهي. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه عرض ڪيو: الله پاڪ اوهان ڪان راضي ٿئي! مون ڪان هڪ صفحو ٻڌي وٺو، جيڪڏهن منهنجو پڙهڻ سٺو لڳي ته مان توهان کي پڙهي ٻڌائيندس نه ته ڇڏي ڏيندس. حضرت امام مالڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ارشاد فرمايو: پڙهو! ڪين هڪ صفحو پڙهيو ۽ خاموش ٿي ويا. فرمايو: اجا پڙهو. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هڪ صفحو پڙهيو! وري خاموش ٿي ويا. امام مالڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه وري ارشاد فرمايو: اجا پڙهو! پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ٻيهر پڙهيو ته امام مالڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي تمام گهڻو سٺو لڳو. پوءِ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه امام مالڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه وٽ پوري مؤطا پڙهي ۽ جڏهن ٻيهر سندن خدمت ۾ حاضر ٿيا ته امام مالڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ارشاد فرمايو: ڪو اهڙو ماڻهو ڳوليو جيڪو توهان کي پڙهائي. ته امام شافعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه عرض ڪيو: سائين! مان چاهيان ٿو ته توهان پاڻ مون ڪان ٻڌو، جيڪڏهن سهي نه پڙهي سگهيس ته ڪو پڙهائڻ وارو تلاش ڪري وٺندس. امام مالڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ارشاد فرمايو: نيڪ آهي، پڙهو! ته امام شافعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پوري مؤطا شريف زباني ٻڌائي ڇڏي. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هن تي امام مالڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه مونکي دعا ڏيندي خوشي جو اظهار ڪيو. (حلية الاولياء،78/9، حديث:13177، 13178،13180، بتغير) الله ربّ العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## امام مالڪ تي حضور جو ڪرم

حضرت عبدالعزيز بن محمد دَرَاوَرْدِي رَحْمَۃُاللّٰہِ عَلَیْہ ارشاد فرمائن ٿا: مان مسجدِ نبوي ۾ رياضُ الجنة (يعني جنت جي ڪياري) ۾ آرام ڪري رهيو هيس تہ مونکي نور جي پيڪر، تمام نبين جي سَرْوَر صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت ٿئي. پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن حضرت ابوبڪر ۽ عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا سان گڏ پنهنجي مزارِ پُرانوار کان ٻاهر تشريف وٺي آيا. مون ٻيهي عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ! توهان ڪٿان ڪان اچي رهيا آهيو؟ ارشاد فرمايائون: مالڪ جي لاءِ سِڌي راهہ قائم ڪري رهيو آهيان. بيدار ٿي ڪري جڏهن مان امام مالڪ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ وٽ حاضر ٿيس تہ پاڻ رَحْمَۃُاللّٰہِ عَلَیْہ مؤطا شريف جي ترتيب ڏئي رهيا هئا، مون پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ کي هن خواب جي باري ۾ ٻڌايو تہ پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ روئي ڏنائون. (ترتيب المدارك و تقريب المسالڪ،70/2)

## حديثِ پاڪ جو ادب

امام مالڪ رَحْمَۃُاللّٰہِ عَلَیْہ وٽ جڏهن ماڻهو ڪجهہ پڇڻ جي لاءِ ايندا هئا تہ خادمہ سندن مڪانِ عاليشان مان نڪري پڇندي هئي تہ حديث پڇڻ جي لاءِ آيا آهيو يا شرعي مسئلو؟ جيڪڏهن اهي چوندا هئا تہ شرعي مسئلا معلوم ڪرڻ جي لاءِ آيا آهيون تہ امام مالڪ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فوري طور ٻاهر تشريف کڻي ايندا هئا ۽ جيڪڏهن اهي چوندا هئا تہ حديث شريف ٻڌڻ جي لاءِ آيا آهيون تہ پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ غسل ڪري عمده لباس پهري، خوشبوءِ لڳائي عمامو شريف پائي پوءِ پنهنجي مٿي تي چادر ويڙهي وٺندا هئا، سندن لاءِ مسند سجائي ويندي هئي جنهن تي پاڻ

رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه نهايت عاجزي سان ويهي حديث شريف بيان ڪندا هئا ۽ ابتداء کان انتها تائين خوشبو ٻاري ويندي هئي. ۽ اها مَسند صرف حديث شريف بيان ڪرڻ جي لاءِ مخصوص ڪئي وئي هئي. جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کان ان جو سبب پڇيو ويو ته پاڻ فرمايائون: مان اها ڳالهه پسند ڪريان ٿو ته حديثِ رسول جي خوب تعظيم ڪيان.

( بستان المحدثين ،ص ١٩ ، ٢٠)

## امام مالڪ جو قبر ۾ مدد ڪرڻ

امام عبدالوهاب شعراني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اسان جي استادِ محترم شيخ الاسلام امام ناصر الدّين لقاني مالڪي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو جڏهن انتقال ٿيو (ته) ڪجهه نيڪ ماڻهن ان کي خواب ۾ ڏسي پڇيو: الله پاڪ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ چيائين: جڏهن منڪر نڪير مونکي سوال جي لاءِ ويهاريو ته امام مالڪ (رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه) تشريف ڪٺي آيا ۽ انهن (يعني منڪر نڪير) کي ارشاد فرمايو: (ڇا) اهڙو شخص(يعني ايترو زبردست عالمِ دين) به هن(ڳالهه) جي حاجت رکي ٿو ته هن کان خدا ۽ رسول تي ايمان جي باري ۾ سوال ڪيو وڃي! الڳ ٿي وڃو هن وٽان. (امام مالڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي) اهو فرمائيندي ئي نڪيرين مون کان الڳ ٿي ويا. جڏهن مشائخ صوفياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم سختي جي وقت دنيا ۽ آخرت ۾ پنهنجي پيروي ڪرڻ وارن ۽ مريدن جو لحاظ رکندا آهن ته انهن آئمهءِ مذاهب جو ڇا چئجي جيڪي زمين جا ٿنڀ آهن، دين جا ستون آهن ۽ شارع (حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي امت تي اُن جا اَمين آهن. (ميزان الڪبريٰ، الجزء الاول،ص65)

# مشهور عاشق رسول حضرت امام مالڪ جون 12 حڪايتون

## (1) مديني ۾ پيرين اگهاڙي

ڪروڙين مالڪين جا عظيم پيشوا حضرت امام مالڪ رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه زبردست عاشق رسول هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه مديني پاڪ جي گهٽين ۾ پيرين اگهاڙي هلندا هئا. (الطبقات الكُبريٰ للشعراني الجزء الاول ص 76)

## (2) هر رات سروَرِ ڪائنات جو ديدار

حضرت مُثَنّٰي بن سعيد رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه جو بيان آهي ته حضرت امام مالڪ رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه فرمائيندا هئا: ڪا رات اهڙي نه گذري جنهن ۾ مون تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت نه ڪئي هجي. (حِلية الاولياء ج 6 ص 346)

مٹ جائے یہ خودی تو وہ جلوہ کہاں نہیں
دَردا میں آپ اپنی نظر کا حجاب ہوں

(حدائقِ بخشش، صفحه 91)

## (3) مديني ۾ سواريءَ کان پرهيز

حضرت امام شافعي رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون مديني شريف ۾ حضرت امام مالڪ رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه جي دروازي تي خراسان ۽ مصر جا گهوڙا ٻڌل ڏٺا جيڪي پاڻ رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه کي تحفي طور پيش ڪيا ويا هئا. ايترا اعليٰ قسم جا گهوڙا مون ڪڏهن به نه ڏٺا هئا. ان ڪري مون عرض ڪيو: اهي گهوڙا ڪيڏا نه عمدا آهن؟ فرمايائون: مان اهي سڀ توکي تحفي ۾ ڏيان ٿو، مون عرض ڪيو: پنهنجي لاءِ ته هڪ گهوڙو رکي ڇڏيو. فرمايائون: مون کي الله پاڪ کان حياءُ ٿو

اچي تہ ان مبارڪ زمين کي پنهنجي گهوڙي جي پيرن هيٺان لتاڙيان جنهن تي ان جا پيارا پيغمبر، بي بي آمنہ جا دلبر، مديني جا تاجور صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم موجود آهن يعني پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ روضو آهي. (احياءُ العلوم ج 1 ص 48، الروض الفائق ص 217)

ہاں ہاں رہِ مدینہ ہے غافل ذرا تو جاگ
او پاؤں رکھنے والے یہ جا چشم و سر کی ہے

(حدائقِ بخشش، صفحہ 217)

## (4) حضور اڪرم جو تذڪرو ڪرڻ وقت سندن رنگ بدلجي ويندو هو

حضرت مُصعَب بن عبدالله رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت امام مالڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي عشق رسول جو عالم اهو هو جو جڏهن انهن جي سامهون نبي ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو تذڪرو ڪيو ويندو هو تہ سندن چهري جو رنگ بدلجي ويندو هو ۽ ذڪرِ مصطفيٰ جي تعظيم جي لاءِ ڪافي جهڪي ويندا هئا، هڪ ڏينهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان ان جي باري ۾ پڇيو ويو تہ فرمايائون: جيڪڏهن توهان اهو ڏسو، جيڪو مان ڏسان ٿو تہ ان جي باري ۾ توهان سوال نہ ڪيو ها.

(الشفاء ج 2 ص 41، 42)

جان ہے عشقِ مصطفےٰ روز فزوں کرے خدا
جس کو ہو درد کا مزہ نازِ دوا اٹھائے کیوں

(حدائقِ بخشش، صفحہ 94)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (5) حديث پاڪ جي درس جو انداز

حضرت امام مالڪ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ (جن 17 سالن جي عمر ۾ حديث پاڪ جو درس ڏيڻ شروع ڪيو) جڏهن درسِ حديث ڏيڻو هوندو هو (ته غسل ڪندا هئا) مسند سجائي ويندي هئي ۽ پاڻ عمده لباس زيب تن فرمائي، خوشبوءِ لڳائي نهايت عاجزيءَ سان پنهنجي حُجري مبارڪ کان ٻاهر تشريف فرما ٿي ان تي باادب ويهندا هئا (حديث جي درس دوران ڪڏهن پاسو نه مٽائيندا ها) ۽ جيستائين ان مجلس ۾ حديثون پڙهيون وينديون هيون ان دوران سِگريءَ ۾ عود ۽ لوبان پرندو رهندو هو. (بستان المحدثين ص 19، 20)

عنبر زمیں عَبیر ہوا مشک تَر غُبار!
ادنٰی سی یہ شناخت تِری رہ گزر کی ہے

(حدائقِ بخشش، صفحه 225)

## (6) وڇونءَ 16 ڏنگ هنيا پر حديث جو درس جاري رکيائون

حضرت عبدالله بن مبارڪ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جن فرمائن ٿا: حضرت ابو عبدالله امام مالڪ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ حديث جو درس ڏئي رهيا هئا ته وڇونءَ 16 ڀيرا ڏنگيو. سور جي شدت جي ڪري چهرو مبارڪ ڦڪو (يعني پيلو) ٿي پيو پر حديث جو درس جاري رکيو ۽ (پاسو ئي نه ورايائون) ۽ جڏهن درس ختم ٿيو ته ماڻهو هليا ويا ته مون عرض ڪيو: اي ابو عبدالله! اڄ مون اوهان ۾ هڪ عجيب ڳالھ ڏٺي. پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ

فرمايو: هائو! پر مان حديث رسول جي تعظيم جي ڪري صبر ڪيو. (الشفا ج 2 ص 46)

ايسا گُما دے اُن کی وِلا میں خدا ہمیں
ڈھونڈا کرے پر اپنی خبر کو خبر نہ ہو

(حدائقِ بخشش، صحفه 130)

## (7) حديثن جا ورق پاٽي ۾ وجهي ڇڏيا پر....

عاشقِ مدينہ حضرت امام مالڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه حديث جي فن ۾ سيني ڪان پهريان باقاعده ڪتاب مرتب فرمايو، جيڪو مُؤطّا امام مالڪ جي نالي سان مشهور آهي، پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه اخلاص جا پيڪر هئا. حضرت شيخ محمد عبدالباقي زرقاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه نقل ڪن ٿا: امام مالڪ جڏهن ”مُؤطّا“ جي تصنيف ڪان فارغ ٿيا تہ انهن پنهنجو اخلاص ثابت ڪرڻ جي لاءِ مؤطّا جي مُسَوَّدي(نسخي) جا سيئي ورق پاڻيءَ ۾ وجهي ڇڏيا ۽ فرمايائون تہ جيڪڏهن انهن مان هڪ ورق بہ پسي ويو تہ مونکي انهن جي ڪا بہ ضرورت ناهي پر اهو حضرت امام مالڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي سچي نيّت ۽ اخلاص جو نتيجو هو جو هڪ ورق بہ نہ پسيو. (شرح الزرقاني علي الموطا ج 1 ص 36)

بنا دے مجھ کو الٰہی خلوص کا پیکر
قریب آئے نہ میرے کبھی رِیا یاربّ

(وسائل بخشش، صفحه 93)

## (8) عشق رسول ۾ روئڻ واري محدث جي قدرداني

حضرت سيدنا امام مالڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه کان ڪنهن (سندن استاد محترم) حضرت سيدنا ايوب سختِياني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي باري ۾ پڇيو تہ فرمايائون: مان جن مُحدثن کان حديث روايت ڪيان ٿو اهي انهن سيني ۾ افضل آهن مون انهن کي بہ ڀيرا حج جي سفر ۾ ڏٺو تہ

جڏهن انهن جي سامهون نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ تذڪرو ٿيندو هو تہ ايترا روئيندا هئا جو مون کي انهن تي رحم اچي ويندو هو. جڏهن مون تعظيمِ رسول ۽ عشق رسول جي اها حالت ڏٺي تہ متاثر ٿي انهن کان حديث روايت ڪرڻ لڳس. (الشفا ج 2 ص 41)

يادِ نبيِّ پاک میں روئے جو عمر بھر    مولیٰ مجھے تلاش اُسی چشمِ تر کی ہے

## (9) خاڪِ مدينہ جي توهين ڪرڻ واري لاءِ سزا

حضرت امام مالڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مديني جي مٽي (يعني زمين) کي خراب چوڻ واري جي باري ۾ فتويٰ ڏني تہ ان گستاخ کي ٽيهہ ڪوڙا هنيا وڃن ۽ قيد ۾ وڌو وڃي. (بستان المحدثين ص 57)

جس خاک پہ رکھتے تھے قدم سید عالم    اُس خاک پہ قرباں دلِ شیدا ہے ہمارا
(حدائقِ بخشش، صفحہ 32)

## (10) قضاءِ حاجت جي لاءِ حرم شريف کان ٻاهر هليا ويندا هئا

حضرت امام مالڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مديني پاڪ جي مٽيءَ جي تعظيم خاطر مديني شريف ۾ ڪڏهن بہ قضاءِ حاجت نہ ڪئي، ان جي لاءِ هميشہ مديني پاڪ جي حرم کان ٻاهر هليا ويندا هئا، پر مرض جي حالت ۾ مجبور هئا. (بستان المحدثين ص 19)

اے خاکِ مدینہ تو ہی بتا کس طرح پاؤں رکھوں یہاں
تُو خاکِ پا سرکار کی ہے آنکھوں سے لگائی جاتی ہے

## (11) مسجد نبوي ۾ آواز هلڪو رکو

حضرت امام مالڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان مسجد نبوي شريف ۾ گفتگو جي

دوران خليفي ابوجعفر آواز بلند ڪيو ته ان کي فرمايائون: اي خليفه! هن مسجد ۾ آواز بلند نه ڪر. الله پاڪ بارگاهِ رسالت ۾ آواز هلڪو رکڻ وارن جي مدح (يعني تعريف) فرمائي آهي. جيئن ته 26 سيپاري سورة الحُجُرات جي ٽين آيت مبارڪ ۾ فرمايو آهي:

اِنَّ الَّذِيْنَ يَغُضُّوْنَ اَصْوَاتَهُمْ عِنْدَ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُولٰٓىٕكَ الَّذِيْنَ امْتَحَنَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ لِلتَّقْوٰى ؕ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّ اَجْرٌ عَظِيْمٌ ۝۳

**ترجموڪنزالايمان:** بيشڪ جيڪي پنهنجو آواز هلڪو رکندا آهن الله جي رسول وٽ، اهي ئي آهن جن جي دل الله پرهيز گاري جي واسطي پرکي ڇڏي آهي انهن جي واسطي بخشش ۽ وڏو ثواب آهي.

جڏهن ته آواز بلند ڪرڻ وارن جي هنن لفظن ۾ مذمت بيان فرمائي آهي، جيئن ته انهيءَ ئي سورت جي چوٿين آيتِ ڪريمه آهي:

اِنَّ الَّذِيْنَ يُنَادُوْنَكَ مِنْ وَّرَآءِ الْحُجُرٰتِ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ ۝۴

**ترجموڪنزالايمان:** بيشڪ اهي جيڪي تو کي حُجري جي ٻاهران پُڪارن ٿا انهن مان اڪثر بي عقل آهن.

تاجدارِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عزت ۽ حُرمت يقينًا اڄ به اهڙي ئي آهي جهڙي طرح ظاهري حياتي ۾ هئي. امام مالڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي ان گفتگو کان پوءِ ابو جعفر خاموش ٿي ويو. (الشفا ج 2 ص 41)

تجھ سے چھپاؤں منہ تو کروں کس کے سامنے
کیا اور بھی کسی سے توقع نظر کی ہے

(حدائقِ بخشش، صفحه 226)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (12) روضي رسول ڏانهن منهن ڪري دعا گهرو

حضرت امام مالڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کان ابو جعفر منصور پڇا ڪئي ته مان

روضي انور جي حاضري جي موقعي تي قبلي ڏانهن منهن ڪري دعا گهران يا نبي اڪرم، نور مُجسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏانهن رخ ڪريان؟ حضرت امام مالڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان تون منهن ڪيئن ٿو موڙي سگهين. حضور تاجدار رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ته قيامت جي ڏينهن **الله** پاڪ جي بارگاهه ۾ توهان ۽ توهان جي محترم والد حضرت آدم صفيُّ **الله** عَلَيْهِ السَّلَام جي لاءِ به وسيلو آهن، توهان نبي رحمت، شفيع امت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏانهن ئي منهن ڪري شفاعت جي خيرات گهرو، **الله** پاڪ پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت ضرور قبول فرمائيندو. **الله** ربُّ العِباد ارشاد فرمائي ٿو:

وَ لَوْ اَنَّهُمْ اِذْ ظَّلَمُوْۤا اَنْفُسَهُمْ جَآءُوْكَ فَاسْتَغْفَرُوا اللّٰهَ وَ اسْتَغْفَرَ لَهُمُ الرَّسُوْلُ لَوَجَدُوا اللّٰهَ تَوَّابًا رَّحِيْمًا ﴿۶۴﴾

(پ 5 النساء 64)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ جيڪڏهن اهي پنهنجي پاڻ تي ظلم ڪن ته اي محبوب تنهنجي بارگاهه ۾ حاضر ٿين پوءِ **الله** کان معافي گهرن ۽ رسول انهن جي شفاعت فرمائي ته ضرور **الله** کي گهڻو توبهه قبول ڪندڙ مهربان لهندا.

(الشفا ج 2 ص 41)

مجرم بلائے آئے ہیں ”جاءُوْکَ“ ہے گواہ
پھر رد ہو کب یہ شان کریموں کے در کی ہے

(حدائقِ بخشش، صفحه 205)

## انسان جو نسب ئي ان جو مڪان آهي

حضرت امام مالڪ بن انس رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه دنيا کان تمام گهڻو بي رغبت رهندا هئا ۽ امورِ آخرت ۾ غور ۽ فڪر ڪندا رهندا هئا. حصولِ علم ۾ تمام گهڻو مشغول رهندا ۽ مومنن جي خيرخواهي ڪندا

هئا. خليفةُ المسلمين مهدي پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه ڪان پڇيو: ڇا توهان جو ڪو مڪان آهي؟ ته پاڻ جواب ڏنائون: نه. پر مان توهان کي هڪ حديث پاڪ ٻڌايان ٿو، مون حضرت ربيعه بن ابي عبدالرحمٰن رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي فرمائيندي ٻڌو: انسان جو نسب ئي ان جو مڪان آهي. (احياءالعلوم، 47/1)

## جنهن کان ٿي سگهي اهو مديني ۾ مري

حضرت عبدالله بن عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا روايت ڪن ٿا ته رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: "مَنِ اسْتَطَاعَ اَنْ يَّمُوْتَ بِالْمَدِيْنَةِ فَلْيَمُتْ بِهَا فَاِنِّيْ اَشْفَعُ لِمَنْ يَّمُوْتُ بِهَا" يعني جيڪو مديني ۾ مري سگهي ته اهو اتي مري، ڇو ته مان مديني ۾ مرڻ وارن جي شفاعت ڪندس.

(ترمذي ج 5 ص 483 حديث 3943)

مفسّر شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته ظاهر اهو آهي ته اها بشارت ۽ هدايت سڀني مسلمانن لاءِ آهي ۽ نه رڳو مهاجرن کي يعني جنهن مسلمان جي نيّت مديني پاڪ ۾ مرڻ جي هجي ته اهو اتي ئي مرڻ جي ڪوشش به ڪري ۽ خدا تعالىٰ نصيب ڪري ته اتي ئي قيام ڪري خاص طور تي پوڙهائپ ۾ ۽ بنا ضرورت جي مديني پاڪ کان ٻاهر نه وڃي ته جيئن موت ۽ مدفن به اتان جو ئي نصيب ٿئي. حضرت عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ دعا ڪندا هئا ته "مولا مون کي پنهنجي محبوب جي شهر ۾ شهادت جو موت ڏي." سندن دعا اهڙي مقبول ٿي جو سُبْحٰنَ الله! فجر جي نماز مسجدِ نبوي، محرابُ النبي ۽ مصلّي نبي ۾ اتي ئي شهادت. مون ڪيترن ئي ماڻهن کي ڏٺو ته ٽيهه چاليهه سالن کان مديني منوره ۾

آهن ۽ مديني پاڪ جي حدن ۾ ايتري تائين جو مديني شهر کان ٻاهر ناهن ويندا ۽ ان انديشي سبب ته ڪٿي موت نه اچي وڃي، حضرت امام مالڪ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جو به اهو ئي دستور رهيو. (مِراة المناجيح ج 4 ص 222)

## مديني ۾ وفات ۽ رخصت جي وقت نيڪي جي دعوت

حضرت امام مالڪ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جي وفات 179 هجري صفر المظفر يا ربيع الاول جي 10، 11 يا 14 تاريخ مديني پاڪ ۾ ٿي ۽ جنّتُ الفِردوس ۾ دفن ٿيا. رحلت جي وقت پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه **نيڪي جي دعوت** ڏني، يحيٰ بن يحيٰ مَصۡمُودِي رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا ته امام مالڪ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه بيان ڪن ٿا ته رَبِيعه فرمايو: ”منهنجي نزديڪ ڪنهن شخص کي نماز جا مسئلا ٻڌائڻ زمين جي سڄي دولت صدقو ڪرڻ کان بهتر آهي ۽ ڪنهن شخص جي ديني پريشاني ختم ڪرڻ سؤ حج ڪرڻ کان به افضل آهي“ ۽ اِبن شَهاب زُهري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي حوالي سان ٻڌايو ته انهن فرمايو: ”منهنجي نزديڪ ڪنهن شخص کي ديني مشورو ڏيڻ هڪ سؤ غزون ۾ جهاد ڪرڻ کان به بهتر آهي يحيٰ بن يحيٰ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: انهيءَ گفتگو کان پوءِ امام مالڪ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جن ڪا به ڳالهه نه ڪئي ۽ دم ڏٽي حوالي ڪيائون. (بستان المحدثين ص 38، 39) **الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

طیبہ میں مر کے ٹھنڈے چلے جاؤ آنکھیں بند
سیدھی سڑک یہ شہرِ شَفاعت نگر کی ہے

(حدائقِ بخشش، صفحہ 222)

## جهنم کان نجات جي بشارت

حضرت ابن قاسم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ اسان حضرت امام مالڪ بن انس رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مرضِ وفات جي وقت سندن خدمت ۾ حاضر هئاسون. حضرت ابن دَرَاوَرْدِي حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيو: اي عبداللّٰه! گذريل رات مون هڪ خواب ڏٺو آهي، ڇا توهان ٻڌڻ پسند ڪندؤ؟ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمايو: ٻڌايو، انهن خواب ٻڌائيندي چيو: مون اڇي لباس ۾ هڪ ماڻهوءَ کي ڏٺو جيڪو آسمان مان لٿو. ان جي هٿ ۾ هڪ اهڙو رجسٽر هو جيڪو زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ ڦهليل هو. ان تي پيرا چيو: 'هٰذَا بَرَاءَةٌ لِمَالِكٍ مِّنَ النَّارِ' يعني هي حضرت امام مالڪ بن انس رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي لاءِ دوزخ کان آزادي جو پروانو آهي. اڃا اها گفتگو هلي رهي هئي تہ خليفي جو قاصد حاضر ٿي عرض ڪرڻ لڳو: اي ابو عبداللّٰه! مسجدِ نبوي شريف جي مؤذن گذريل رات هڪ خواب ڏٺو آهي جيڪو مون ان کان ٻڌو آهي. جيئن تہ ان بہ پهرين خواب جهڙو ئي خواب ٻڌايو. اُن تي حضرت امام مالڪ بن انس رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمايو: اللّٰه ئي حقيقي مددگار آهي، اهو جيڪو چاهيندو آهي ڪندو آهي. (الروض الفائق، ص 217). **حضرت يونس** بن عبدُالاعليٰ فرمائن ٿا: مون بشر بن بڪر کي اهو فرمائيندي ٻڌو تہ مون حضرت امام اَوزاعي کي علماءِ ڪرام جي هڪ گروهہ سان جنت ۾ ڏسي پڇيو: حضرت امام مالڪ بن انس ڪٿي آهن؟ تہ انهن ٻڌايو: ان جا درجا

تمام بلند آھن. مون پڇيو: اهو ڪيئن پلا؟ جواب مليو: ڪين سچائي جي بدولت. (التمهيد لابن عبدالبر، 56/1)

## هڪ ڪلمي جي سبب بخشش

ڪنھن نيڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حضرت امام مالڪ بن انس رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي وفات کان پوءِ خواب ۾ ڏسي ڪري پڇيو: 'مَافَعَلَ اللّٰهُ بِکَ' يعني الله پاڪ اوهان سان ڪھڙو معاملو فرمايو؟ ارشاد فرمايائون: الله پاڪ مونکي بخشي ڇڏيو. پڇيو: ڪھڙي سبب سان؟" فرمايائون: هڪ ڪلمي جي سبب جيڪو مون اميرالمؤمنين حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي متعلق ڪنھن سان ٻُڌو هو تہ جڏھن پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ڪنھن مردي کي ڏسندا هئا تہ پڙھندا هئا: 'اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الْحَيُّ الْقَيُّوْمُ، سُبْحَانَ الْحَيِّ الَّذِیْ لَا يَمُوْتُ' يعني اهو الله آهي جنھن کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق ناهي، هو پاڻ زنده آهي، ٻين کي قائم رکڻ وارو آهي. پاڪ آهي اها ذات جيڪا پاڻ زنده آهي جو ان کي ڪڏھن موت ناهي. تہ مان بہ پنھنجي زندگي ۾ جڏھن ڪنھن مردي کي ڏسندو هيس تہ هميشہ اهو ڪلمو پڙھندو هيس جنھن جي برڪت سان الله پاڪ مونکي جنت ۾ داخل فرمايو. (ترتيب المدارك وتقريب المسالك، باب ذكروفاة مالك، 149/1)

## امام مالڪ جو ڪفن دفن

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وصيت فرمائي تہ مون کي پنھنجي ڪپڙن ئي ۾ دفن ڪيو وڃي ۽ جنازه گاھ ۾ نمازِ جنازه ادا ڪئي وڃي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي جنازِ نماز ڪيئي ماڻھن ادا ڪئي جن ۾ ابن عياش، حضرت هاشم، حضرت ابنِ ڪنانہ، حضرت شعبہ بن داؤد، سندن ڪاتب

حضرت حبيب ۽ سندن پٽ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جهڙيون شخصيتون به شامل هيون. ڪيئي ماڻهو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي قبر مبارڪ ۾ به لٿا.
(التمهيد لابن عبدالبر،67/1، الروض الفائق، ص 217)

## پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي وصال تي عراق وارن جو صدمو

**جڏهن** حضرت امام مالڪ بن انس رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي وفات جي خبر عراق وارن کي پئي ته ڇڻ عراق جي سرزمين ڪنبڻ لڳي. اتان جي ماڻهن کي سندن وفات سبب گِهرو صدمو پهتو. هڪ شخص حضرت سفيان بن عُيَيْنہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي عرض ڪيو: اي ابو محمد! هڪ شخص جي خواهش آهي ته اهو ڪنهن اهڙي عالم کان مسئلو پڇي جيڪو ان جي ۽ الله جي وچ ۾ دليل هجي ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمايو: اهڙو عالم ته امام مالڪ بن انس رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ئي آهي جنهن کي اهو ماڻهو پنهنجي ۽ الله پاڪ جي وچ ۾ دليل بڻائي سگهي ٿو. پر جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ٻڌايو ويو ته اهي ته وصال فرمائي چڪا آهن ته حسرت ۽ افسوس وچان چيائون: هاءِ افسوس! سنا ماڻهو دنيا مان هليا ويا. (الروض الفائق، ص 218)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❀ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❀ روزانو ”فڪرِ مدينہ“ جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ اِنْ شَآءَ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ ”مدني انعامات“ تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ ”**مدني قافلن**“ ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ







عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net